www.awamisoach.pk

جمھوري سوچ جي ترجمان
ABC Certified
Daily AWAMI SOACH Karachi
روزاني عوامي سوچ ڪراچي
چيف ايڊيٽر
حاجي محمد حنيف ميمڻ

(جلد 15) سومر 22 سيپٽمبر 2025ع بمطابق 28 ربيع الاول 1447ھ (شمارو 342) قيمت 20 روپيا

پاڪستان جي فوجي ۽ سياسي قيادت جي هم آهنگي سان دشمن جا 6 جهاز ڪيرايا ويا: وزيراعظم

اوورسيز پاڪستانين جي سامهون بيهڻ منهنجي لاءِ خوشي جي ڳالهه آهي، اهي توهان جا پاڪستان جا سفير آهن جيڪي پرڏيهه ۾ ڏينهن رات محنت ڪن ٿا

مان توهان سڀني کي سلام پيش ڪريان ٿو جنهن طريقي سان توهان نه رڳو معاشي طور تي پر سياسي طور تي به پاڪستان جو دفاع ڪيو ٿا

پهلگام واقعي جي شفاف جاچ لاءِ، مون هڪ بين الاقوامي ڪميٽي قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ته جيئن اهو واضح ٿئي ته اهي ڪوڙا الزام پاڪستان تي لڳايا پيا وڃن، پر پاڙيسري ملڪ ان جو جواب نه ڏنو

هڪ ئي ڏڪ ۾ دشمن جا 6 جهاز ڪيرايا ويا. دشمن کي ڪجهه ڪلاڪن اندر خبر پئجي وئي ته هي معاملو تمام پري تائين ويندو، مون کي فيلڊ مارشل جو فون آيو ته مان توهان کي ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته دشمن اسان تي حملو ڪيو آهي

دوست ملڪن جي هڪ اڳواڻ مون کان پڇيو ته هن عظيم فتح جا ڪهڙا سبب هئا. پاڪستاني فوج جي همت، بهادري، پيشه ورانه صلاحيت، الله تي ڀروسو ۽ پيو، سياسي ۽ فوجي قيادت جي سوچ جو اتحاد. جڏهن ته تئين ڳالهه جو فيصلو ڪيو ويو ته فوجي قيادت پوئتي نه ڏنو

عظيم پاڪستانيو، خدا توهان کي اهڙي فتح ڏني آهي جو اڄ جڏهن اولهه کان اوير تائين ماڻهو پاڪستان جو سائو پاسپورٽ ڏسندا آهن ته چون ٿا ته، "اسان توهان کي سلام پيش ڪريون ٿا

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته هو حق جي جنگ ۾ هندستان کي سيڪاريل سبق کي پنهنجي باقي زندگي ياد رکندو، پرهاڻي جنگ بندي قائم ٿي چڪي آهي، تنهن ڪري اسان ڪشمير مسئلي سميت سڀني مسئلن جو حل امن ۽ برابري جي بنياد تي چاهيون ٿا، چاڪاڻ ته ٻئي پاڙيسري ملڪ هميشه گڏ رهڻ گهرجن. لندن ۾ اوورسيز پاڪستانين جي ڪنونشن کي خطاب/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

لنڊن: وزيراعظم شهباز شريف پرڏيهه ۾ رهندڙ پاڪستانين جي تقريب ۾ خطاب ڪري رهيو آهي

فلسطين ۽ والاريل ڪشمير جا مسئلا حل ڪرڻ بنا دنيا جو امن اڻپورو آهي: آصف علي زرداري

عالمي امن جو ڏينهن رڳو جنگ نه ڪرڻ جو ڏينهن ناهي، انصاف ۽ برابري کي هٿي ڏيڻ جو به ڏينهن آهي، پاڪستان علائقائي ۽ عالمي امن ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهيو آهي

پاڪستان جا عالمي قوتن سان متوازن لاڳاپا آهن ۽ عالمي برادري پاڪستان کي مسئلن جي حل ۾ پائيوار تسليم ڪري ٿي: صدر زرداري

پاڪستان سدائين عالمي امن ۽ انصاف لاءِ آواز اٿاريو آهي، ذوالفقار علي ڀٽو ۽ بينظير ڀٽو عالمي امن لاءِ جرئتمندانو ڪردار ادا ڪيو

گڏيل قومن جي امن مشنز ۾ پاڪستان جون ڏکيون خدمتون آهن، دنيا هٿيارن بدران مڪالمي ۽ سهاڪر کي ترجيح ڏئي، پاڪستان پرامن، انصاف تي ٻڌل ۽ پائيدار دنيا لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ تيار آهي

صدر پاڪستان آصف علي زرداري واضع ڪيو ته مظلوم فلسطينين ۽ والاريل ڪشمير جا مسئلا بنا دير حل ڪيا وڃن، جنهن کان سواءِ دنيا جو امن اڻپورو آهي

اسلام آباد (بيورو) صدر آصف علي زرداري چيو آهي ته فلسطين ۽ والاريل ڪشمير جا مسئلا حل ڪرڻ بنا دنيا جو امن اڻپورو آهي. امن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي جاري ڪيل بيان ۾ آصف علي زرداري چيو ته عالمي امن جو ڏينهن رڳو جنگ نه ڪرڻ جو ڏينهن ناهي، انصاف ۽ برابري کي هٿي ڏيڻ جو به ڏينهن آهي، پاڪستان علائقائي ۽ عالمي امن ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهيو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ڪاشغر: صدر آصف علي زرداري کي سنڪيانگ جو وائيس گورنر الوداع ڪري رهيو آهي

هڪ انچ به زمين نه ڏينداسين، آمريڪا سان وڌيڪ 20 سال وڙهڻ لاءِ تيار آهيون: افغانستان

جيڪڏهن توهان واپس اچو ٿا ته اسان ايندڙ 20 سال وڙهڻ لاءِ تيار آهيون، پنهنجي آزادي لاءِ هر ممڪن قدم کڻنداسين: محمد يعقوب مجاهد

افغان حڪومت موجوده انتظام، قومي سلامتيءَ ۽ علائقائي سالميت بچائڻ لاءِ پڪيل انداز ۾ پرعزم آهي

آمريڪي صدر جي مبهم ڌمڪي تي مقامي فوجي قيادت ۽ سرڪاري ذريعن پاران تڪڙو سخت ردعمل ۽ خبرداريون جاري ڪيون ويون

قابل (م ڊ) افغانستان جي طالبان حڪومت بگرام ايئربيس کي ٻيهر حاصل ڪرڻ جي آمريڪي ڌمڪين کي سختي سان رد ڪندي چيو آهي ته جيڪڏهن آمريڪا اسان جا بيس واپس چاهي ٿو ته اسان ايندڙ 20 سالن تائين ان سان وڙهڻ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

سنڌ حڪومت جي ضبط ٿين ٽيم پرڊ، الٽريشن ۽ ويلڊ ٿيل گاڏين جي رجسٽريشن ۽ نيلامي جي منظوري

ايف بي آر ۽ ڪسٽمز آفيسرن جي اجازت کان پوءِ ضبط ٿيل اسمگل ٿيل گاڏيون سنڌ حڪومت پنهنجي تحويل ۾ وٺي سگهندي

گاڏين کي مڪمل جاچ کان پوءِ نيلام يا سرڪاري معاملن ۾ استعمال ڪيو ويندو: نوٽيفڪيشن

سنڌ حڪومت بابت وفاقي حڪومت مارچ 2025 کان اهڙين گاڏين جو رجسٽريشن جو مرحلو شروع ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت جي ضبط ٿين ٽيم پرڊ، الٽريشن ۽ ويلڊ ٿيل گاڏين جي رجسٽريشن ۽ نيلامي جي منظوري ڏئي ڇڏي ڪابينا جي منظوري کان پوءِ ايف بي آر ۽ ڪسٽمز آفيسرن جي اجازت کان پوءِ ضبط ٿيل اسمگل/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

امن کان سواءِ ڪو به سماج ترقي نٿو ڪري سگهي: ناصر حسين شاهه

نفرت، تعصب ۽ انتهاپسندي جو خاتمو وقت جي اهم ضرورت آهي، صوبائي وزير اطلاعات

سنڌ حڪومت هميشه امن ۽ پائيچاري جو پيغام اڳتي وڌائيندي رهي آهي، ناصر حسين شاهه

نوجوان تعليم، برداشت ۽ خدمتِ خلق کي اختيار ڪن، ناصر حسين شاهه جو عالمي ڏينهن امن تي پيغام

ڪراچي: پيپلزپارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري تقريب ۾ خطاب ڪري رهيو آهي (فائل فوٽو)

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي صوبائي وزير ناصر حسين شاهه عالمي ڏينهن امن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو ته امن کان سواءِ ڪو به سماج ترقي نٿو ڪري سگهي، هن چيو ته قائداعظم محمد علي جناح پاڪستان کي امن، انصاف ۽ برابري جي اصولن تي قائم ڪرڻ جو خواب ڏٺو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڪراچي ال آصف اسڪوائر ويجهو
پوليس ۽ ڀتي خورن جي وچ ۾ فائرنگ
ٻه ڌوهاري مارجي ويا

ڪراچي (رپورٽر) اسپيشل انويسٽيگيشن يونٽ ۽ ڀتي خور ٽولي جي وچ ۾ ٻه جوابدار مارجي ويا ايس/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ڪراچي جي علائقي گارڊن عثمان آباد ۾ سيوريج مين هول ۾ ڪري 3 ڄڻا فوت ٿي ويا

مين هول ۾ ٻڏي ويل ٽنهي ڄڻن کي واٽر ڪارپوريشن صفائي جي لاءِ گهرايو هو

ٽئي ڄڻا پاڻ ۾ پيءُ پٽ هئا، جيڪي 15 هزار روپين جي عيوض صفائي جي لاءِ مين هول ۾ لٿا هئا

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي گارڊن عثمان آباد ۾ سيوريج مين هول ۾ ڪري 3 ڄڻا فوت ٿي ويا آهن. علائقي جي رهواسين ٻڌايو آهي ته مين/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

بلاول زندگي جون 37 بهارون ڏسي ورتيون، ٻوڏ سبب سالگرهه نه ملهائڻ جو فيصلو

بلاول ڀٽو زرداري 37 سالن جو ٿي ويو پر ملڪ ۾ ٻوڏ جي صورتحال سبب هن سالگرهه تقريبون نه ملهائڻ جو فيصلو ڪيو

پ پ چيئرمين پارٽي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي هدايت ڪئي هئي ته سالگرهه جي موقعي تي ڪيڪ ڪاٽڻ يا جشن ملهائڻ جي تقريب نه رکي وڃي

ڪراچي (رپورٽر) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري زندگي جون 37 بهارون ڏسي ورتيون. بلاول ڀٽو زرداري 37 سالن جو ٿي ويو پر ملڪ ۾ ٻوڏ جي صورتحال سبب هن سالگرهه تقريبون نه ملهائڻ جو فيصلو ڪيو پ پ چيئرمين پارٽي اڳواڻن ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

پاڪستان هميشه عالمي سطح تي امن، استحڪام ۽ انصاف جي حمايت ڪئي آهي: گورنر سنڌ

پاڪستان هميشه عالمي سطح تي امن، استحڪام ۽ انصاف جي حمايت ڪئي آهي ۽ عالمي سطح تي امن جي فروغ ۾ ان جو ڪردار مثبت ۽ متوازن رهيو آهي

هن قوم تي زور ڏنو ته هو اختلافن کان مٿانهون ٿي امن ۽ اتحاد لاءِ ڪم ڪن ته جيئن هڪ پرامن ۽ خوشحال سماج قائم ٿي سگهي

ڪراچي (رپورٽر) امن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري پنهنجي خاص پيغام ۾ چيو آهي ته امن صرف خاموشي جو نالو ناهي پر اهو انصاف، رواداري ۽ برابري جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ايف آءِ اي اميگريشن
اسلام آباد ايئرپورٽ تي
وڏي ڪارروائي

اسلام آباد (بيورو) ايف آءِ اي اميگريشن اسلام آباد ايئرپورٽ تي وڏي ڪارروائي ڪندي جعلسازي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

بلوچستان: وزيراعليٰ بلوچستان سرفراز بگٽي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ڀارت اڳتي حملو ڪيو ته سعودي عرب اسان سان گڏ هوندو: خواجا آصف

سعودي عرب سان معاهدي ۾ دفاع جون سموريون ضرورتون شامل آهن. ڀارت اڳتي حملو ڪيو ته سعودي عرب اسان سان گڏ هوندو

سعودي عرب جو اولهه ملڪن تي دارومدار گهٽ ٿيندو، اسان انهن جي جيتري مدد ڪري سگهون ٿا ڪنداسين، اهي به اسان جي معاشي ضرورتن ۾ مدد ڪندا

ٿي سگهي ٿو وڌيڪ پاڪستاني ليبر سعودي عرب وڃي، وڌيڪ مسلم ملڪ به اتحاد ۾ شامل ٿي سگهن، مسلم دنيا کي نيٽو جهڙو اتحاد ناهڻ گهرجي

لنڊن (م ڊ) بچاءَ واري وزير خواجا آصف چيو آهي ته ڀارت اڳتي حملو ڪيو ته سعودي عرب اسان سان گڏ هوندو لنڊن ۾ صحافين سان ڳالهائيندي خواجا آصف چيو ته سعودي عرب سان معاهدي ۾ دفاع جون سموريون ضرورتون شامل آهن. ڀارت اڳتي حملو ڪيو ته سعودي عرب اسان سان گڏ هوندو. هن چيو ته سعودي عرب جو اولهه ملڪن تي دارومدار گهٽ ٿيندو، اسان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

برطانيا، ڪينيڊا ۽ آسٽريليا فلسطين کي رياست طور تسليم ڪري ورتو

اڄ برطانيا فلسطينين ۽ اسرائيلين لاءِ امن جي اميد ٻيهر اجاگر ڪندي فلسطين کي رياست طور تسليم ڪري ورتو آهي

برطانيا جو اهو قدم بين 140 کان وڌيڪ ملڪن سان مطابقت رکي ٿو پر اسرائيل ۽ ان جي اتحادي آمريڪا لاءِ ناراضگي جو سبب بڻجندو

اسلام آباد (م ڊ) برطانيا، ڪينيڊا ۽ آسٽريليا فلسطين کي رياست طور تسليم ڪرڻ جو اعلان ڪندي چيو آهي ته اسرائيل جنگبندي سميت ٻيا شرط پورا/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڀارت اڳتي حملو ڪيو ته سعودي عرب اسان سان گڏ هوندو: دفاع وارو وزير

سعودي عرب سان معاهدي ۾ دفاع جون سموريون ضرورتون شامل آهن

سعودي عرب جو اولهه ملڪن تي دارومدار گهٽ ٿيندو، اسان انهن جي جيتري مدد ڪري سگهون ٿا ڪنداسين

وڌيڪ مسلم ملڪ به اتحاد ۾ شامل ٿي سگهن، مسلم دنيا کي نيٽو جهڙو اتحاد ناهڻ گهرجي

لنڊن (م ڊ) بچاءَ واري وزير خواجا آصف چيو آهي ته ڀارت اڳتي حملو ڪيو ته سعودي عرب اسان سان گڏ هوندو لنڊن ۾ صحافين سان ڳالهائيندي خواجا آصف چيو ته سعودي عرب سان معاهدي ۾ دفاع جون سموريون ضرورتون شامل آهن. ڀارت اڳتي حملو ڪيو ته سعودي عرب اسان سان گڏ هوندو هن چيو ته سعودي عرب جو اولهه ملڪن تي دارومدار گهٽ ٿيندو، اسان انهن جي جيتري مدد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

امن انسانيت جي بقا، ترقي ۽ فلاح بهبود لاءِ بنيادي شرط آهي: يوسف رضا گيلاني

وقتي صدر عالمي يوم 2025 امن جي قيام لاءِ فوري قدم کڻڻ کي وقت جي ضرورت قرار ڏنو

امن رڳو جنگ جي نه هجڻ جو نالو ناهي پر هي عدل پائيپي انساني حقن جي احترام هوندو آهي

دنيا جي اڳواڻن کي گهرجي تڪرار بدران ڳالهيون، گڏيل احترام ۽ سفارتڪاري کي ترجيح ڏين

اسلام آباد (بيورو) وقتي صدر سيد رضا گيلاني چيو آهي ته امن انسانيت جي بقا، ترقي ۽ فلاح بهبود لاءِ بنيادي شرط آهي جتادار امن صرف ڳالهين ۾، برداشت، انصاف ۽ تعاون سان قائم ٿي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

لاهور: چيئرمين پاڪستان علماء ڪونسل حافظ محمد طاهر اشرفي خطاب ڪري رهيو آهي

سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ ضمني
بلدياتي چونڊن جي لاءِ رينجرز
جون خدمتون طلب

اسلام آباد (بيورو) سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ ضمني بلدياتي چونڊن جي لاءِ رينجرز جون خدمتون طلب ڪيون ويون آهن. اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان 24 سيپٽمبر تي شيڊول /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

عراقي فيملي کي ڌمڪيون ۽ بليڪ ميل ڪندڙ جوابدار پشاور مان گرفتار

عراقي سفارتخاني طرفان پوليس کي درخواست ڪئي وئي هئي ته هڪ عراقي فيملي کي قتل جون ڌمڪيون ملي رهيون آهن

نيشنل سائبر ڪرائم انويسٽيگيشن ايجنسي پشاور ۾ ڪارروائي ڪندي پاڪ-افغان بارڊر رتان جوابدار مصطفيٰ خان کي گرفتار ڪيو

اسلام آباد (بيورو) عراقي فيملي کي قتل جون ڌمڪيون ڏيڻ ۽ ڀنگ گهرڻ جي معاملي تي عراقي سفارتخاني جي درخواست تي جوابدار مصطفيٰ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي: ورلڊ ڪلين ڏهاڙي تي آگاهي مهم ۾ شرڪت ڪندڙ سان گڏ سنڌ سالڊ ويسٽ مينيجمنٽ

ڪراچي: سپرهاءِ وي تان ٽن ڪدڙن فقيرن جا گولين لڳل لاش هٿ، وڏي وزير جو نوٽيس

ناگوري سوسائٽي ۾ سپرهاءِ وي تان 3 لاش هٿ آيا، جن کي گولين هڻي قتل ڪيو ويو آهي: پوليس

واقعي واري هنڌان نائن ايم ايم جا ٻه خول مليا آهن، ٽن ڪدڙن فقيرن کي سيني ۾، جڏهن ته هڪ کي مٿي ۾ گولي هڻي وئي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ ميمڻ گوٺ جي حدن ۾ سپر هاءِ وي تان ٽن ڪدڙن فقيرن جا گولين لڳل لاش هٿ آيا آهن. پوليس موجب ناگوري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڊيره اسماعيل خان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي آپريشن ۾ فتنه الخوارج جا 7 دهشتگرد مارجي ويا

پارٽي پراڪسي فتنه الخوارج سان تعلق رکندڙ خوارج جي موجودگي جي اطلاع تي انٽيليجنس جي بنياد تي آپريشن ڪيو ويو

آپريشن جي دوران سيڪيورٽي فورسز خوارج جي ٺڪاڻي کي بهتر طريقي سان نشانو بڻايو

جنهن جي نتيجي ۾ 7 پارٽي سرپرست يافته خوارج جن ۾ 3 افغان جاون خارج ۽ 2 آپگهاتي بمبار شامل هئا

ڊيره اسماعيل خان (بيورو) ڊيره اسماعيل خان جي علائقي ڪلاچي ۾ سيڪيورٽي فورسز جي آپريشن ۾ فتنه الخوارج جا 7 دهشتگرد مارجي ويا، مارجي ويل دهشتگردن ۾ 2 آپگهاتي بمبار/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ناصر شاهه طرفان بلاول ڀٽو
زرداري کي 37 هين سالگره تي
مبارڪباد

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي وزير توانائي، ترقيات ۽ منصوبابندي سيد ناصر حسين شاهه، پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي سندس 37هين سالگره تي دل جي گهراين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

سوات: هزارين ماڻهو دهشتگردي خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪراچي سنڌ جي دل آهي، سنڌ کي ورهائڻ جي ڳالهه پاڪستان کي ٽوڙڻ جي سازش آهي: اياز لطيف

عالمي سامراجي طاقتون پاڪستان کي ٽوڙي نئون اسرائيل بنائڻ چاهين ٿيون

جيڪو به نئين صوبي جي ڳالهه ڪري ٿو اهو انهي سازش جو حصو آهي: عوامي تحريڪ سربراهه

ايم ڪيوايم جا سهولتڪار نه بڻجڻ سنڌ ٽوڙڻ جي مطالبو ڪندڙ خالد مقبول صديقي تي آرٽيڪل 6 تحت ڪيس داخل ڪيو وڃي

حيدرآباد (رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي ايم ڪيوايم جي اڳواڻ ۽ وفاقي وزير خالد مقبول صديقي جي ڪراچي کي وفاق حوالي ڪرڻ ۽ سنڌ کي ٽوڙي نئون صوبو ٺاهڻ واري بيان جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي جي 37 هون اڪيڊمڪ ڪائونسل جو اجلاس

هنگامي حالتن جي تياري لاءِ گڏيل منصوبي جي منظوري ۽ بين المذاهب هم آهنگي پڙهائڻ جو فيصلو

ڪراچي (رپورٽر) جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي جي 37 هون اڪيڊمڪ ڪائونسل جو اجلاس ٿيو هنگامي حالتن جي تياري لاءِ گڏيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

پي آءِ اي ۾ مفت ۽ رعايتي ٽڪيٽن جي ونڊ ورڇ جو انڪشاف، قومي خزاني کي اربين روپين جو نقصان

قومي خزاني کي رڳو 6 سالن ۾ مفت ۽ رعايتي ٽڪيٽن جي مد ۾ 9 ارب 43 ڪروڙ روپيا خسارو ٿيو

ان دوران 1 لک 16 هزار کان وڌيڪ ٽڪيٽون 95 سيڪٽرو کان وڌيڪ رعايت تي ڏني ويون

اهڙي طرح مفت ۽ رعايتي ٽڪيٽون 2011 کان 2016 جي وچ ۾ جاري ٿيون

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان انٽر نيشنل ايئر لائين ۾ مفت ۽ رعايتي ٽڪيٽن جي ونڊ ورڇ جو انڪشاف ٿيو آهي جنهن قومي سبب قومي خزاني کي رڳو 6 سالن ۾ مفت ۽ رعايتي ٽڪيٽن جي مد ۾ 9 ارب 43 ڪروڙ روپيا خسارو ٿيو آڊيٽر جنرل آف پاڪستان جي رپورٽ موجب 6 سالن اندر 2 لک 58 هزار کان وڌيڪ مفت ٽڪيٽون ڏنيون ويون ان دوران 1 لک 16 هزار کان/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

يونيورسٽي روڊ جي بدترين زبون حالي تي جماعت اسلامي ۽ سنڌ حڪومت آمهون سامهون

جماعت اسلامي ڪراچي جي امير منعم ظفر خان طرفان ڪيترن ئي سالن کان تعمير هيٺ يونيورسٽي روڊ جي مڪمل نه ٿيڻ خلاف ايڪشن ڪميٽي قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو

ڪراچي جي ترقي ۽ عوامي سهوليتن جي لاءِ صوبائي حڪومت وڏن منصوبن تي ڏينهن رات ڪم ڪري رهي آهي: ترجمان مصطفيٰ بلوچ

ريڊ لائين بي آر ٽي منصوبو عالمي معيار جي تحت ناهيو پيو وڃي، جديد ٽيڪنالاجي، انفرااسٽرڪچر ۽ مختلف يونيورسٽي سروسز جي منتقلي جي ضرورت آهي

ڪراچي (رپورٽر) يونيورسٽي روڊ جي بدترين زبون حالي تي جماعت اسلامي ۽ سنڌ حڪومت آمهون سامهون اچي ويا آهن. جماعت اسلامي ڪراچي جي امير منعم ظفر خان طرفان ڪيترن ئي سالن کان تعمير هيٺ يونيورسٽي روڊ جي مڪمل نه ٿيڻ خلاف ايڪشن ڪميٽي قائم ڪرڻ جي اعلان تي سنڌ حڪومت جو به رد عمل سامهون اچي ويو آهي. سنڌ حڪومت جي ترجمان/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

جلالپور پيروالا: ٻوڏ جي پاڻي ۾ ٻڏي 2 عورتون ۽ هڪ نوجوان فوت

جلالپور پيروالا جي چڪ 81 ايم ۾ پاڻي لهڻ کان پوءِ عورتون گهرن ڏانهن واپس وينديون ٻڏي ويو

چڪ 66 ايم ۾ ٻوڏ جي جمع ٿيل پاڻي ۾ نوجوان ٻڏي فوت ٿي ويو

ملتان (م ڊ) ملتان جي تعلقي جلالپور پير والا ۾ ٻوڏ جي پاڻي ۾ ٻڏي 2 عورتون ۽ هڪ نوجوان فوت ٿي ويا آهن. ريسڪيو اختيارين موجب جلالپور/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

قومي اسيمبليءَ جي ميمبر ۽ پيپلزپارٽي سنڌ جي سيڪريٽري جنرل سردار رفيق احمد جمالي پاران بلاول ڀٽو کي سالگره جي مبارڪباد ڏني

بلاول ڀٽو زرداري پاڪستان جي عوام لاءِ اميد جو ستارو ۽ نوجوانن لاءِ حوصلي جو وڏو مثال آهن: رفيق جمالي

بلاول ڀٽو جمهوريت، عوامي خدمت ۽ ترقيءَ جي علامت بڻجي چڪا آهن ۽ ملڪ کي هڪ نئين مستقبل ڏانهن وٺي پيا وڃن

اسان دعا ڪيون ٿا ته الله تعاليٰ بلاول ڀٽو زرداري کي صحت، ڪاميابي ۽ ڊگهي حياتي عطا ڪري، جيئن هو عوام جي خدمت جو سلسلو اڳتي وڌائين

دادو (پرس رلز) قومي اسيمبلي دادو جي رڪن ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي سيڪريٽري جنرل سردار رفيق احمد جمالي پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي 37هين سالگره جي موقعي تي دل جي گهراين سان مبارڪباد ڏني آهي. سردار رفيق احمد جمالي پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته بلاول ڀٽو زرداري پاڪستان جي عوام لاءِ اميد جو ستارو ۽ نوجوانن لاءِ حوصلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

حيدرآباد: پاڻي ماهر حسن عباس ٻوڏ جي حوالي سان تقريب ۾ خطاب ڪري رهيو آهي

سوشل ميڊيا تي دولت جي
نمائش ڪندڙ امير ماڻهو ايف
بي آر جي ريڊار تي اچي ويا

ڪراچي (رپورٽر) سوشل ميڊيا تي دولت جي نمائش ڪندڙ امير ماڻهو ايف بي آر جي ريڊار تي اچي ويا ايف بي آر سوشل ميڊيا تير شاهاڻو لائيف اسٽائيل رکندڙ هڪ لک امير ماڻهن جو ڊيٽا گڏ ڪري ورتو آهي آفيسرن واضع ڪري چڏيو ته وڏن بنگلن وڏين وڏين گاڏين، زيورن جي نمائش ڪرڻ وارن کي نه ڇڏينداسين شادين جي گهڻو خرچ ڪندڙ به پڪڙ ۾ شادين تي 20، 20 هزار رقم جا سوٽ استعمال /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ڪراچي: امير جماعت اسلامي ڪراچي منعم ظفر خان پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

ورڪرز ويلفيئر ڪارڊ تحت صنعتي مزدورن لاءِ وڏي پيماني تي فلاحي منصوبن جو اعلان

هاٽي هر مزدور خوشحال ٿيندو. ليبر ڪاتي واري سيڪريٽري رفيق قريشي

صنعتي مزدورن جي ڀلائي لاءِ تاريخي قدم کنيا پيا وڃن

ڪراچي (رپورٽر) هاٽي هر مزدور خوشحال ٿيندو. ليبر ڪاتي واري سيڪريٽري رفيق قريشي سنڌ ورڪرز ويلفيئر بورڊ تحت صنعتي مزدورن لاءِ وڏي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڪنڌڪوٽ پوليس جو وڏو آپريشن، 3 خطرناڪ ڌوهاري مارجي ويا

پوليس آپريشن ۾ اغوا ٿيل اهلڪار فضل الرحمان ڪوسو بازياب، ڇهه ڌوهاري زخمي ٿي پيا

مارجي ويل ۾ انعام يافته ڌوهاري صحبت جاڳيراڻي، شفيق ڏاهاڻي ۽ شاهد ڀيو شامل: پوليس

ڌوهارين جو آخري انجام گولي، ڌمڪيون ڏيندڙن کي بخش نه ڪيو ويندو: ايس ايس پي مراد گهانگهرو جو اعلان

ڪنڌڪوٽ (رپورٽر) ڪنڌڪوٽ پوليس جو اغوا ٿي ويل اهلڪار جي بازيابي لاءِ پوليس جو گرينڊ آپريشن ٿي ڌوهاري مارجي ويا 6 ڌوهاري زخمي ڌوهارين پاران پوليس کي ڌمڪيون ڏيڻ جي آڊيو وائرل ڌوهارين جو هر حال ۾ خاتمو ڪيو ويندو ايس ايس پي محمد مراد گهانگهرو تفصيل موجب: ڪنڌڪوٽ گڏريل ڏينهن بي سيڪشن ٿاڻي جي حد قمبراڻي لاڙو چوڪي تان هٿياربند پوليس اهلڪار فضل الرحمان ڪوسو کي ڏينهن ڏني جو اغوا ڪري ويا جنهن جي باخيريت بازيابي لاءِ ايس ايس پي ڪنڌڪوٽ محمد مراد گهانگهرو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

جمهوري سوچ جي ترجمان
روزاني
Daily AWAMI SOCH KARACHI
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ

چيف ايگزيڪيوٽو
سيد شفقت حسين شاهه

هيءَ اخبار پبلشر محمد حنيف ميمڻ قيوم پرنٽنگ پريس آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس ٽريڊ ٽاور روم نمبر 825 مان پڌري ڪئي

چيف ايڊيٽر حاجي حنيف ميمڻ

رابطي لاءِ:
03153327758

سومر 22 سيپٽمبر 2025ع

ڏنءُ ڏنءُ ڏمڻَ وار، اج پڻ آگڙين جي:
ٻاري مچ مجاز جو، اوتيائون اڱار:
ڏوڏا! ٿِيِ مَ ڏارَ، جِمَ ڳجهو رُڪُ ڪٽيُون ٿئي.

'سنڌ انتظاميا' مان نہ ڏوهارين کي ڊپ ۽ نہ ئي عوام کي آسرو

سنڌ ۾ قانون جو ڪوڏس پتو ڪونهي. ڏوهہ ايترا تہ وڌي ويا آهن، جو اخبارون ڪرائيم ڊائرين جو ڏيک ڏيڻ لڳيون آهن. ميڊيا سماج جي آرسي آهي ۽ ان آرسيءَ ۾ سماج جو مهانڊو ڪيڏو نہ هيبتناڪ آهي. ان مان گورننس جو اندازو آسانيءَ سان لڳائي سگهجي ٿو. سنڌ ۾ برادرين وچ ۾ هلندڙ خوني تڪرار انساني حياتيون ڳڙڪائيندا رهن ٿا. جنهن تي سنڌ جي منتظمين کي ڳڻتي نہ هجڻ بہ وڏي ڳڻتيءَ جي ڳالهہ آهي. قبيلائي دهشتگرديءَ جي تازي واردات اها رپورٽ ٿي آهي تہ مهر- جتوئي تڪرار تان رستم پرسان هٿياربندن هاءِ اسڪول تي حملو ڪري ڪلرڪ نياز مهر کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ان جهيڙي جي نتيجي ۾ ٽي ڄڻا مارجي ويا آهن. پوسٽ مارٽم بعد لاش وارثن حوالي ڪيا ويا آهن. علائقي ۾ ڇڪتاڻ برقرار آهي. ميان صاحب جي هاءِ سيڪنڊري اسڪول جي استادن احتجاجي مظاهرو ڪيو آهي. استادن جو چوڻ آهي تہ تعليمي ادارن تي حملا دهشتگردي آهي.

توڙي جو سنڌ جا منتظمين راڪيٽ رفتاريءَ سان احسن ڪارڪردگيءَ جون دعوائون ڪندا تا رهن پر هلندڙ سال جي پهرين 8 مهينن جي، پوليس جي پنهنجي رپورٽ اها آهي تہ هلندڙ سال پهرين جنوري کان 31 آگسٽ تائين جهيڙن، تڪرارن ۽ ٻين ڏوهن ۾ 1332 شهري قتل ڪيا ويا، جڏهن تہ 2265 شهرين کي قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. پنگ لاءِ 60 اغوا ڪيا ويا. 3317 ڌاڙا لڳا ۽ 468 ڦرون ٿيون. پوليس تي حملن جا هزارين واقعا ٿيا. گاڏيون ڦر ڪيون ويون. ٻارڙن کي اغوا ڪيو ويو. سنڌ ۾ پهرين جنوري کان 31 آگسٽ تائين ڪاروڪاري جا 124 واقعا رپورٽ ٿيا. ڪاروڪاري جي انهن واقعن ۾ 142 ڄڻن کي بيدري سان قتل ڪيو ويو. قتل ٿيندڙن ۾ 105 عورتون ۽ 37 مرد شامل آهن. اسان اڳ بہ هنن ئي ڪالمن ۾ اهو چوندا رهيا آهيون تہ سموري قبيلائي دهشتگرديءَ، پنگ خاطر اغوا، عورتن جي قتل سميت ڏوهن جي راڪاس جو جنهن طوطي ۾ ساهہ آهي، ان طوطي جو نالو آهي 'اشرافيہ'. اها ڏوهن جي سرپرستي ڪندڙ 'اشرافيہ' آهي، جنهن جا حامي ۽ حمايتي، اختيار ۽ اقتدار جي ايوانن ۾ وينل تا محسوس ٿين. چو تہ جڏهن ان 'طوطي' جي ڪنڌ ۾ هٿ وجهڻ ۽ ان جو ڳاٽو مروڙڻ لاءِ آوازاٿن ٿا تہ ان تي عمل ۾ بہ اهي ئي رڪاوٽ بڻيل آهن. ڏوهہ جنهن نرسريءَ ۾ پلجن ٿا، ان جو نالو جرڳائي سرشتو آهي. ڏوهہ جرڳائي ڀوتارن جي معيشت بڻيل آهي. قبيلائي دهشتگردي ۽ خوني تڪرار بہ انهن ئي جرڳائي ڀوتارن جي سرپرستيءَ جي ڇٽيءَ هيٺ اسرن ۽ نسرن ٿا. اسان پاڻ کي قوم سڏايون ٿا ۽ قبيلو تہ ارتقا جي ادنيٰ درجي تي هوندو آهي، پر هتي تہ سڄي اُٽت قبيلائي نظر ايندي. اهي ئي ڪيترين پيڙهين کان هلندڙ قبيلائي جهيڙا، اهي ئي عورتن جي قتل جا واقعا. اهي ئي ماڻهن جا اغوا. هاڻي تہ اها باهہ تعليمي ادارن تائين پهچي وئي آهي. سنڌ ۾ جهيڙيندڙ ڌرين وٽ هٿيار ڪٿان ٿا اچن؟ انهن هٿيارن جي رسد ۽ پهچ جا گهٽ گهيڙ ڇو نٿا بند ڪيا وڃن؟ سنڌ ۾ غربت ايتري، جو ماڻهن کي بہ ويلاماني نصيب ناهي تہ پوءِ اهي جديد ۽ خطرناڪ هٿيار ڪٿان ٿا آڻين؟ هن وقت سڄي سنڌ ڄڻ تہ ڪا 'ڪيٽي' بڻيل هجي. پر خاص طور تي سنڌ جا اڌ درجن کان مٿي اترين ضلعا رياستي قانون لاءِ 'نو گو ايريا' بڻيل آهن. ڪمانڊوز جي گهري ۾ هلندڙ ۽ بلٽ پروف شيشن پٺيان ويهي سنڌ ۾ امن امان جا پاشڻ ڏيندڙ منتظمين لاءِ تہ سنڌ واقعي بہ امن جو هندورو آهي، پر عام ماڻهو ڏوهارين جي نشاني تي آهي. ايتري قدر جو انهن ڏوهارين کان هاڻي اسڪول بہ محفوظ نہ آهن.

اسان اڳ بہ اها گهر ڪندا رهيا آهيون تہ جهيڙيندڙ ڌرين کي بي هٿيار ڪيو وڃي. قبيلائي تڪرارن جي باهہ کي هُشي ۽ هٿيارن جي زور تي پڙڪائيندڙ ڀوتارن کي قانون جي گرفت ۾ آندو وڃي. پوليس ۾ سياسي مداخلت ختم ڪئي وڃي. جرڳن تي سنڌ هاءِ ڪورٽ طرفان پابندي مڙهيل آهي. ان عدالتي فيصلي تي عمل ڪرايو وڃي. حڪمرانيءَ کي دلپشوري سمجهڻ بدران قانون تي عمل ڪرايو وڃي.

پاڪ سعودي دفاعي معاهدو ۽ ان جو مستقبل

اِدريس لغاري

هن وقت پاڪستان ۾ صفا 'جشن' وارو نظارو لڳو پيو آهي. ميڊيا ۾ هڪٻئي کي "مبارڪون مبارڪون" وارو ماحول جڙيل آهي ۽ ان سڄي جشن ۽ خوشي جي پويان جيڪا خبر آهي اها هي تہ سعودي عرب ۽ پاڪستان وچ ۾ اسٽريٽجڪ گڏيل دفاعي معاهدو ٿيو آهي. ان معاهدي تحت جيڪڏهن ڪو ملڪ سعودي عرب تي حملو ڪندو تہ ان حملي کي پاڪستان تي حملو تصور ڪيو ويندو ۽ ان جي بچاءَ لاءِ پاڪستان اڳيان ايندو. مطلب ٻنهي ملڪن مان ڪنهن بہ هڪ ملڪ تي حملو ڪيو ويو تہ اهو ٻنهي ملڪن تي حملو تصور ڪيو ويندو ۽ ان جو جواب ٻئي ملڪ گڏجي ڏيندا. بظاهر اهو معاهدو تہ ٻنهي ملڪن جي بچاءَ لاءِ آهي پر تاريخي لحاظ کان ڏسبو تہ اهو معاهدو رڳو سعودي عرب جي بچاءَ لاءِ آهي، جنهن کي خاص طور تي اسرائيل پاران قطر تي ٿيل حملي ڪانپوءِ تمام گهڻي اهميت ڏني پئي وڃي. جيتوڻيڪ ان معاهدي جا ڪي گهڻا تفصيل منظرعام تي نہ آيا آهن، جنهن ڪري ڪيترا سوال، جواب طلب آهن ۽ اهوئي سبب آهي جو پارٽ چيو آهي تہ اسان ان جو جائزو وٺون پيا ۽ وچ ايشيا لاءِ مقرر اڳوڻي آمريڪي ايلچي زلمي خليل زاد بہ ڪيترا سوال اٿاريا آهن ۽ انهن مان هڪ سوال تہ ڇا پاڪستان جي ايٽم بم ڌاهڻ ۾ مالي مدد سعودي عرب ڪئي هئي؟ هن تازي معاهدي کي خاص اهميت ڪهڙي سبب ڪري حاصل آهي، تنهن جو جواب اڳتي هلي بيان ڪريون ٿا، پر هتي اچو تہ پهرين پاڪستان ۽ سعودي عرب وچ ۾ تعلق ۽ پوءِ آمريڪا ۽ سعودي عرب جي تعلق کي مختصر تاريخ جي نتاظر ۾ ڏسون.

هونئن تہ پاڪستان ۽ سعودي عرب جا تعلقات پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان ئي "ماکي کان بہ مٺا، مائونٽ ايورسٽ کان بہ اوچا ۽ سمنڊ جي گهرائين کان بہ گهرا" رهيا آهن، چو تہ خيرن سان ٻنهي ملڪن جا پنهنجي گروهي ۽ اشرافيہ طبقي جا مفاد ۽ مقصد هڪ جهڙا ۽ ساڳيا رهيا آهن. تنهن ڪري ٻنهي ملڪن پنهنجي حڪمران طبقي جي وسيع تر مفادن کي نظر ۾ رکندي سوويت يونين جهڙي پورهيت دوست ملڪ جي مقابلي ۾ آمريڪي سامراج جي ڪئمپ ۾ داخل ٿيڻ کي وڏي عافيت سمجهيو. سعودي عرب جيئن ئي 1932ع ۾ معرض وجود ۾ آيو تہ 1933ع ۾ يعني سال جي اندرئي وچي آمريڪا سان ويجهڙائي رکي. پران ۾ سپ کان وڏي پيش رفت 1951ع ۾ "گڏيل دفاعي معاهدي" سان ٿي. ان وچ ۾ شاهہ فيصل پنهنجي ڀاءُ کي سازش ڪري بادشاهي تان تہ هٽرائي پاڻ 1966ع ۾ بادشاهہ ٿي ويهي رهيو ۽ آمريڪا سان مثالي لاڳاپا قائم ڪيا، جنهن جي نتيجي ۾ 1970ع ڪانپوءِ جيڪو جديد سعودي عرب نظر اچي پيو، اهو سڀ ڪجهہ آمريڪي آشيرواد ۽ تعاون سان شاهہ فيصل ڪيو. پر آڪٽوبر 1973ع ۾ اسرائيل ۽ عرب جنگ دوران شاهہ فيصل آمريڪا کي تيل جي روانگي بند ڪري ڇڏي ۽ ان سان شاهہ فيصل ۽ آمريڪا جا تعلقات خراب ٿي ويا، آخرڪار آمريڪا ڳجهي سازش ڪري مارچ 1975ع ۾ پنهنجي ڀائٽي هٿان شاهہ فيصل کي قتل ڪرائي ڇڏيو. پاڪستان بہ "قرارداد مقاصد" جي منظوري سان ئي آمريڪي سامراجي ۽ فوجي اتحاد ۾ شامل ٿي ويو هو پر سرڪاري طرح ان جو اعلان سيپٽمبر 1954ع ۾ "سيٽو" ۽ فيبروري 1955ع ۾ "سينٽو" ۾ شموليت سان ڳائي وڄائي ڪيو ويو.

تاريخ اسان کي ٻڌائي ٿي تہ سعودي عرب ۽ پاڪستان جا هر قسم جا تعلق 1947ع کان ئي وٺي قائم آهن. ايتري قدر جو اسان جو جيڪو رياستي مذهبي بيانيو آهي، اهو بہ سعودي عرب پاران مرتب ڏنو ويو آهي، جنهن کي رياست وڏي پئماني تي مضبوط ڪرڻ ۾ وسان نہ گهٽايو آهي. 1955ع ڌاري جي ايچ ڪيو ۾ هڪ وڏو حصو اهڙي فوج جي تربيت لاءِ وقف ڪيو ويو جنهن جي پوري بجيٽ سعودي عرب ۽ آمريڪا ڏيندا هئا ۽ اها فوج هر وقت سعودي عرب ۽ وچ اوير ۾ سعودي ۽ آمريڪي مفادن جي بچاءَ لاءِ موجود هوندي هئي. ان قسم جي فوج ٺاهڻ جي مقصد کي بيان ڪندي اڳوڻي آرمي چيف رٽائرڊ جنرل اسلم بيگ پنهنجي آتم ڪٿا "اقتدار جون مجبوريون" ۾ لکيو آهي تہ، "اسپيشل سروسز گروپ (ايس ايس جي) هڪ نئون يونٽ هو جيڪو جنرل ايوب خان جي ملٽري ٽيڪ اوور ڪانپوءِ ٺاهيو ويو هو ۽ اهو وقت هو جڏهن پاڪستان 'بغداد پيڪٽ' (جنهن کي پوءِ "سينٽ" جو نالو ڏنو ويو) جو حصو ٿيو ۽ آمريڪي ترجيحن تي ان يونٽ جي تشڪيل شروع ٿي. چراٽ (پاڪستان جو هڪ علائقو) ان گروپ (ايس ايس جي) جو

بقايا 01

بروهي ۽ ٻين ٻڌايو ته پبلڪ هيلٿ کاتي پاران جوڙايل جهمپير شهر جو ڊرينج سسٽم پراڻو هجڻ ڪري مڪمل ناڪارتي ويو آهي، جنهن ڪري شهري سخت پريشان آهن. شهر جي گٽرن جو گندو پاڻي نيڪال نه ٿيڻ ڪري شهرين جي گهرن، روڊ، رستن تي وهڻ سميت هاڻي ڪينجهر ڍنڍ ۾ پوي پيو جنهن ڪري ڪينجهر ڍنڍ جي پاڻي کي به هي گٽرن جو گندو پاڻي خراب ڪري ڇڏيندو. ان کانسواءِ هاشم سولنگي محلي ۾ واٽر سپلاءِ اسڪيم نه پهچڻ ڪري هو پيئڻ جي پاڻي کان محروم ٻٺي پاڻي خريدڻ ۽ آڻڻ تي مجبور بڻيل آهن. هنن گهر ڪئي ته جهمپير شهر جي ڊرينج سسٽم جي نئين اسڪيم منظور ڪري هاشم سولنگي محلي ۾ واٽر سپلاءِ اسڪيم مهيا ڪئي وڃي، جيئن شهري پريشاني کان بچي سگهن. ان موقعي تي صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي پبلڪ هيلٿ کاتي جي انجينيئر تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته جهمپير شهر واسي ڊرينج سسٽم جي ناڪار ٿيڻ ڪري سخت پريدان اهن. پر توهانکي عوام جي تڪليفن جو ڪو به احساس ناهي. هن پبلڪ کاتي جي انجيئر کي هدايت ڪئي ته هو جلد کان جلد جهمپير شهر جي ڊرينج سسٽم جي نئين اسڪيم جوڙڻ جي اسٽيمينٽ ڏيڻ سان گڏ الگ هاشم سولنگي محلي جي واٽر سپلاءِ اسڪيم جي پڻ اسٽيمينٽ ڏني وڃي، جيئن هو پنهنجي ڪوٽا مان ٻنهي اسڪيمن کي جلد منظور ڪرائي جهمپير شهر واسين کي ناڪار ڊرينج سسٽم مان نجات ڏياري نئي سر تعمير ڪرائي شهرين کي هميشه لاءِ پريشاني کان بچائي سگهجي. ان موقعي تي صوبائي وزير جي ڪيل اهڙي هدايتن بعد جهمپير واسين صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي جو ٿورو مڃيو.

بقايا 02

بنياد تي دڪاندارن کي لسٽون فراهم ڪيون وڃن انهي موقعي تي مختيارڪار دڪاندارن کي سختي سان هدايت ڪئي تي ڪنهن به دڪان تي ايڪسپائر شين ,ڪليل آٽل جو وڪرو بند ڪيو وڃي، اتي، ڪنڊ ڀاڄين ,سميت ٻين شين جي وڪري ۾ گراهڪ کان وڌيڪ اگهه وٺڻ جي صورت ۾ ۽ روزمره جي سامان جي وڪري جا مقرر ڪيل اگهه آويزان نه ڪيا ويا ته انهن دوڪاندارن خلاف هڪ هفتي بعد سخت قانوني ڪاروائي ڪئي ويندي جڏهن ته هڪ دڪان تان

روزاني عوامي سوچ ڪراچي
نمائندا گهرجن
سنڌ جي نالي واري اخبار
مسلسل 15 سال کان شايع ٿيندڙ
روزاني عوامي سوچ ڪراچي
کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ نمائندن جي ضرورت آهي، صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان هيٺ ڏنل نمبر تي رابطو ڪري سگهن ٿا..
رابطي لاءِ: 03072308754

نوشهروفيروز ۾ نور رليف فنڊ پاران اجتماعي شادي تقريب منعقد

25 غريب ۽ يتيم جوڙن جا فرض پورا ڪرايا ويا، والدين جا چهرا خوشي سان روشن ٿي ويا

فضول رسمن کان پاڪ، سادگيءَ سان شادين جو سلسلو جاري رهندو: سماجي اڳواڻن جو موقف

تقريب ۾ سياسي، سماجي اڳواڻن ۽ شهرين جي وڏي انگ ۾ شرڪت، ماڻهن ۾ خوشي نظر اچڻ لڳي

نوشهرو فيروز (رپورٽر) سماج مان غربت ۽ گهٽي ڏاج ڏيڻ جهڙين فضول رسمن جي خاتمي، مذهبي رواداري ۽ سادگيءَ جي فروغ ڏيڻ لاءِ نور رليف فنڊ پاران 25 غريب ۽ مستحق جوڙن جي اجتماعي شاديءَ جي تقريب چنه شادي هال ۾ منعقد ڪئي ويئي جنهن ۾ ضلعي نوشهروفيروز جي غريب ۽ يتيم جوڙن جي چونڊ ڪئي وئي ان موقعي تي نور رليف فنڊ جي مرڪزي اڳواڻن خصوصي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

لڪي غلام شاهه ۾ سنڌي ادبي سنگت عبدو شاخ جي ڪچهري منعقد

استاد راهي، گوهر سنڌي ۽ مهر عبيد جا خطاب، شاعري ۽ جدوجهد تي ڳالهيون ڪيون ويون

اديبن ۽ شاعرن جي وڏي شرڪت، نوجوانن سان گڏجي نئين روايت قائم ڪئي وئي

ماڻهن جي وڏي انگ ۾ شرڪت، دهشتگردي ۽ ميوزڪ ٽيچرز واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي وئي

لڪي غلام شاهه (رپورٽر) لڪي غلام شاهه سنڌي ادبي سنگت شاخ عبدو طرفان هڪ ادبي ڪچهري منعقد ٿي، جنهن ۾ شاخ چڪ، رستم ۽ لڪي غلام شاهه جا سيڪريٽري به شريڪ ٿيا. ڪچهري جي صدارت غني غمدل ڪئي، جڏهن ته استاد راهي، گوهر سنڌي ۽ مهر عبيد خاص مهمان هئا. مقرر خطاب ڪندي استاد راهي چيو ته سنڌس شاعري ۽ نثر سنڌ ۽ قومي جدوجهد لاءِ وقف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

لڪي غلام شاهه ۾ سنڌي ادبي سنگت عبدو شاخ جي ڪچهري منعقد آهي

ڪراچي لنڪ روڊ تي ٺٽي واسين سان هٿيارٻندن جو ڦرجو واقعو پيش، موٽر سائيڪل، ٻه ٽچ موبائل فونون ۽ 70 هزار روپيا ڦر ڪري فرار

ٺٽو (واحدشورو) ڪراچي ڪان ٺٽي ايندڙ ٺٽي جي رهواسين مستري افتخار جوکيو ۽ پوڙهو عرف يوسف ميراخور کان ڪراچي لنڪ روڊ لڳ ٽول پلاز پرسان ٽن نامعلوم موٽر سائيڪل سوار هٿيارٻند ڦورن هٿيارن جي زور تي ڪين يرغمال بنائي ڪانئن هڪ موٽر سائيڪل، 2 قيمتي ٽچ موبائيل فونون ۽ 70 هزار روپيا ڪيش رقم ڦر ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

شاهه لطيف ٿاڻي جي انويسٽيگيشن آفيسر خلاف سوين ماڻهن جو احتجاج

ايڊووڪيٽ بابر علي جي آفيس ۽ گهر ۾ زوري گهڙڻ پيج داهه ۽ والد کي حراست ۾ وٺڻ تي ڌرڻو

آئي او رياض خان تي ڌاڌ ڌمڪيون ڏيڻ ۽ ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ جا الزام لڳايا ويا، معاملو حل ڪرڻ جي گهر ڪئي وئي

احتجاج ڪندڙن جو فوري برطرفي ۽ قانوني ڪارروائي لاءِ اعليٰ اختيارين کان نوٽيس جو مطالبو ڪيو ويو

مليـر (رپورٽر) شاهه لطيف ٿاڻي جي انويسٽيگيشن آفيسر خلاف سوين ماڻهن جو احتجاجي مظاهرو ۽ ڌرڻو آئي او کي فوري برطرف ڪرڻ جو مطالبو تفصيل موجب شاهه لطيف پوليس سادن ڪپڙن ۾ رزاق آباد ڏٽي پرتو ڳوٺ جي اي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

شاهه لطيف ٿاڻي جي انويسٽيگيشن آفيسر خلاف سوين ماڻهن جو احتجاج جو ڏيک

ساماري ۾ قائمخاني برادري جو پريس ڪلب اڳيان احتجاج

عمرڪوٽ (محمد بچل) سامارو پريس ڪلب ۾ قائمخاني برادري هٿن ۾ پلي ڪارڊ ڪٺي مطالبو ڪيو ته راجو عرف قمر زمان قائمخاني جي پاٿيجي کي سنڌس مامي جي حوالي ڪيو وڃي. اڄ سامارو ۽ سڄي سنڌ مان برادري جا معزز ماڻهو ڪوٽ غلام محمد ۾ جرڳي ۾ شرڪت ڪندا. ان موقعي تي قائمخاني برادري جي ميمبرن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ڏاڏي بيبي مٺي رح ۾ جشن عيد ميلادالنبي صه جو شاندار پروگرام

سائين سيد غلام حيدر شاهه قلندري خطاب ۾ روح جي پاڪيزگي ۽ رحم دلي تي زور ڏنو

نعت خواني، ختم قرآن ۽ درود پاڪ سان محفل کي روحاني رنگ مليو

عمرڪوٽ (محمد بچل) انجمن غلامان قلندر ويلفيئر سنڌ پاڪستان پاران امان نَورجهان المعروف ڏاڏي بيبي مٺي رح (خانقاه آشيانهٔ قلندري، بستان ڪنري) ۾ جشنِ عيد ميلادالنبي صه جي سلسلي ۾ محفلِ هديه ڪثرتِ درود پاڪ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ جماعت جي سرواڻ سائين سيد غلام حيدر شاهه قلندري پنهنجي خطاب ۾ چيو ته انسان کي پنهنجي روح جو سودو ڪنهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ٽنڊوآدم ۾ روشن الدين جوڻيجو جي وفات تي تعزيت جو سلسلو جاري

ايم اين اي علاءِ الدين جوڻيجو ۽ اڳوڻي ايم اين اي محمد خان جوڻيجو سان همدردي

سيد قائم علي شاهه، سينيٽر وقار علي مهدي ۽ ٻين سياسي اڳواڻن به تعزيت ڪئي

عوامي ۽ سياسي شخصيتن وڏي انگ ۾ پي پي پي اڳواڻ جي وفات تي اظهارِ تعزيت ڪيو

ٽنڊوآدم (مشتاق مينگل) ٽنڊوآدم پ پ پ اڳواڻ ۽ اڳوڻي ايم اين اي روشن الدين جوڻيجو جي وفات تي ايم اين اي علاءِ الدين جوڻيجو، اڳوڻي ايم اين اي محمد خان جوڻيجو سان تعزيت جو سلسلو هلندڙ آهي تعزيت ڪندڙن ۾ سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه، سينيٽر وقار علي مهدي، عباد علي جتوئي سردار شريار شر، امر ڀا فقر شر محمد بلالاٽ، امر بخش عمراني، محسن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

پبلڪ اسڪول ميرپورخاص ۾ سيرت النبي صه ڪانفرنس جو انعقاد

20 ڪان وڌيڪ اسڪولن جي شاگردن نعت ۽ ڪيليگرافي مقابلي ۾ حصو ورتو

مهمان خاص علي محمد شاهماڻي، فيصل خان زئي، مفتي شريف سعدي ۽ ريحان عطاري شريڪ

پرنسپل عمران لاڙڪ مهمانن کي اجرڪ ۽ ٽوپي پيش ڪري پليڪار ڪيو، ماڻهن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي

ميرپورخاص (سومارسميجو) پبلڪ اسڪول پاران سيرت النبي جي عنوان هيٺ ڪانفرنس ڪوٺائي وئي، نعت، ڪيليگرافي جا مقابلا ٿيا، ڪانفرنس ۾ 20 کان وڌيڪ اسڪولن جي شرڪت، خبر موجب پبلڪ اسڪول ميرپورخاص پاران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

پبلڪ اسڪول ميرپورخاص ۾ سيرت النبي صه ڪانفرنس جو انعقاد ڪيو ويو آهي

ڏوڪري پرسان پاڻيءَ جي تلاءُ مان 5 سالن جي ٻنيگر جو لاش هٿ

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري پرسان پاڻيءَ جي تلاءُ مان 5 سالن جي معصوم ٻنيگر جو لاش هٿ آيو آهي، وارثن پاران قتل جو شڪ ظاهر ڪيو پيو وڃي، ڳوٺ ۾ ڪهرام مچي ويو آهي، تفصيل موجب ڏوڪري پرسان ڳوٺ قبول جي رهواسي حاڪم علي جسڪاڻي جو 5 سالن جو معصوم پٽ فرمان علي جسڪاڻي جو لاش ڳوٺ پرسان پاڻي جي تلاءُ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

چيلهار ۾ ڊبليو ٽي اين جي آفيس جو افتتاح

جگديش راساڻي پاران شاندار افتتاحي تقريب ڪوٺائي وئي

تقريب ۾ شهر جي سياسي اڳواڻ ۽ مقامي نمائندن شرڪت ڪئي

چيلهار جي مختلف معاملن مسئلن سميت شهر جي ڀلي لاءِ پازيٽو رپورٽنگ ڪجي

مٺي (محمدرحيم مگريو) چيلهار ڊبليو ٽي اين جي آفيس جو افتتاح چيلهار جي متحرڪ سياسي اڳواڻ جگديش راساڻي ڪيو افتتاحي تقريب ۾ ايس ايچ او چيلهار هارون منگريو، حمزو عمراڻي، شنڪرباغي، حيات ڪنير، حسين سميجو، راجيش چانگاڻي، دوپشام واسو، نفيس الدين ڪنير، درشن چانگاڻي، پويت سوٿهڙ، مترداس سوٿهڙ، منوجي پرمار، راجيش پوناڻي، نارائڻ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ڍرڪي ماڙي پيٽروليم ڪمپني خلاف نوجوانن جو ڌرڻو

جسقم شهيد بشير خان جي سربراهه ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي حمايت جو اعلان ڪيو ويو

مقامي ماڻهن کي روزگار ڏيڻ لاءِ ماڙي ڪمپني تي زور، ڌارين پرتين جي مذمت ڪئي وئي

نوجوانن جي حقن لاءِ جدوجهد جاري رکڻ جو عزم، احتجاج وڌائڻ جو امڪان ظاهر ڪيو ويو

ڍرڪي (خير محمد گرگيج) ڍرڪي ماڙي پيٽروليم ڪمپني طرفان لوڪل نوجوانن کي نظرانداز ڪري ڌارين صوبن جي ماڻهن کي ڀرتي ڪرڻ خلاف ٽن ڏينهن کان گيٽ آڏو لڳل ڌرڻي ۾ جسقم شهيد بشير خان جي سربراهه ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي پنهل ساريو پهتا، نوجوانن جي هلندڙ تحريڪ جي مڪمل حمايت جو اعلان، خبر موجب جسقم شهيد بشير خان قريشي جي سربراهه/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ڍرڪي ماڙي پيٽروليم ڪمپني خلاف نوجوانن جو ڌرڻو هنيو ويو آهي

ٽنڊوآدم ۾ اڏيرو لال مندر جي افتتاحي تقريب ٿي گذري

ٽنڊوآدم (مشتاق مينگل) ٽنڊوآدم اڏيرو لال ويلفيئر جي دعوت تي صوبائي وزير براءِ اقليتي امور ۽ پيپلزپارٽي سنڌ اقليت جي صدر ۽ سرگرم جيالي جناب لال چند اڪرانيءَ جا جن 20 سيپٽمبر شام 7 بجه سرپرائز ڏئي جهولي لال مندر ٽنڊوآدم ۾ حاضري ڀري شري جهولي لال سائين جص آسيس ورتي ۽ مندر کي ڏنل اسڪيم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

سانگهڙ ۾ ڇوڪرين جي تعليم جي بهتري لاءِ گڏيل ڪوششون جاري

ٽرايجوڪيشن الائنس ۽ ملاله فنڊ جي سهڪار سان وفد جي ملاقات

تعليمي مسئلن ۽ فنڊنگ بابت تفصيلي بريفنگ ۽ حڪمت عملي طئي ڪئي وئي

ٽنڊوآدم (مشتاق مينگل) سانگهڙ ۾ ٽر ايجوڪيشن الائنس ۽ ملالا فنڊ جي سهڪار سان جوڙيل "ڪوئليشن فار گرلز ايجوڪيشن فنانسنگ" (CGEF) ايڊووڪيٽسي گروپ جي وفد جنهن ۾ سماجي اڳواڻ ايڊووڪيٽ عظيم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سانگهڙ ۾ ڇوڪرين جي تعليم جي بهتري لاءِ ٿيل اجلاس جو ڏيک

ڪوٽ غلام محمد ڪلواري بنيادي صحت مرڪز غريبن لاءِ بي لاپ بڻيل

غريب پورهيت خانو ڪولهي جي گهرواري ڊليوري دوران اسپتال ۾ غير ذميوارانه رويو

پي پي ايڇ آئي هاشم پرگڙي اسپتال جي عملي جي غفلت تي سياسي ۽ سماجي اڳواڻن تنقيد

ڪوٽ غلام محمد (عبدالحميد ڪوسو) ڪوٽ غلام محمد ڪلواري جي بنيادي صحت مرڪز پلس هاشم پرگڙي اسپتال غريبن لاءِ بي لاپ بڻيل غريب پورهيت خانو ڪولهي جي گهر ڊليوري هيي سنڌس گهرواري کي رڪشي ۾ ڪٺايي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

پاڪستان خاصخيلي اتحاد ۾ نئين ضلعي عهديدارن جي چونڊ

سرائي نياز حسين خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ ضلعي نائب صدر مقرر

ضلعي سانگهڙ لاءِ خالد حسين خاصخيلي جي عهدي تي اعتماد جو اظهار

ٽنڊوآدم (مشتاق مينگل) ٽنڊوآدم پاڪستان خاصخيلي اتحاد جي چيئرمين پاران اتفاق راءِ سان عهديدار چونڊيا ويا رپورٽ موجب پاڪستان خاصخيلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

بدين ۾ قبرستانن ۾ برساتي پاڻي سبب ڳڻتي جوڳي صورتحال پيدا ٿي وئي

ڪيترين قبرون پاڻي هيٺ اچي نقصان ۽ بي حرمتي جو انديشو پيدا ٿيو

قبرستانن مان فوري پاڻي نيڪال ۽ حفاظتي انتظامات ڪيا وڃن: شهرين جو انتظاميا کان مطالبو

بدين (رجب راهمون) برسات ڪانپوءِ شهر جي مختلف قبرستانن ۾ برساتي پاڻي نيڪال نه ٿيڻ ڪري ڳڻتي جوڳي صورتحال پيدا ٿي وئي آهي. ڪيترين ئي قبرن ۾ پاڻي داخل ٿي ويو آهي، جنهن سبب نه صرف قبرن کي نقصان پهچي رهيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٺٽي ۾ شيرازي فارم ۾ ٻه عورتون علاج دوران فوت، هڪ ئي وقت ٻه جنازا، ماحول سوڳوار

پورهيتن اشرف ملاح ۽ قربان ملاح جي گهرن ۾ ڪهرام، علائقي ۾ سوڳ وارو ماحول پيدا ٿي ويو

مڪلي قبرستان ۾ جنازي نماز ادا ڪرڻ بعد دفن، برادري جي وڏي انگ ۾ شرڪت

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ٺٽي ويجهو شيرازي فارم جي رهواسي ٻن پورهيتن اشرف ملاح ۽ قربان ملاح جون گهرواريون ڪراچي اسپتالن ۾ علاج دوران هڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ٺٽي ۾ شيرازي فارم ۾ ٻه عورتون علاج دوران فوت ٿيڻ واري واقعي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

نورالدين جمالي جو شاندار استقبال، ڪوڙو ڪيس خارج ٿيڻ تي ريلي

جيل جون سختيون ۽ ڪوڙا ڪيس سنڌي مارئڙن کي نه جهڪائي سگهن ٿا: جمالي

مهراڻ ڳوٺ جي بهتري لاءِ روڊ، پيور بلاڪ ۽ سيوريج جو ڪم جلد شروع ٿيندو

ڪراچي (منصور چانڊيو) قومپرست اڳواڻ نورالدين جمالي چيو آهي ته جيل جون سختيون ۽ ڪوڙا ڪيس سنڌي وسنڌين جي مالڪي ۽ مارئڙن جي حقن تان دستبردار نه ٿيون ڪري سگهن ٻه سال اڳ مهراڻ ڳوٺ جي ٻوڙ متاثرن جي مالڪي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ڪراچي: نورالدين جمالي جو شاندار استقبال. ڪوڙو ڪيس خارج ٿيڻ تي ريلي ڪڍي وئي آهي

عوامي تحريڪ بدين ۾ جنرل ڪائونسل اجلاس ٿي گذريو

پيپلزپارٽي جي نااهلي ۽ سنڌي عوام سان ڌوکي تي سخت تنقيد ڪئي وئي

وسيلن جي منصفاڻي ورڇ ۽ زرعي سهولتن جو مطالبو ڪريون ٿا: لال جروار

بدين (رجب راهمون) عوامي تحريڪ ضلع بدين جو جنرل ڪائونسل اجلاس بدين ۾ ضلع صدر مهراڻ درس جي صدارت ۾ ٿيو جنهن کي عوامي تحريڪ جي مرڪزي رابط سيڪيٽري لال جروار، ضلع صدر مهراڻ درس مختيار بڪاري جاکرو نوحاڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ڏوڪري ۾ باڍه جي رهواسين جو ٻاڪرن ۽ پوليس خلاف احتجاج

مانديءَ تان پٽو گهريو ويو، نه ڏيڻ تي حملا ڪري سامان تباهه ڪيو ويو

باڍه پوليس فرياد وٺڻ بدران متاثرن کي لاڪ اپ ڪيو: غلام مرتضيٰ جت

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري ۾ باڍه جي رهواسين ٻاڪرن ۽ باڍه پوليس خلاف احتجاج، انصاف جي گهر. تفصيل موجب گذريل ڏينهن باڍه درگاهه پاڙي جا رهواسين جو ڏوڪري پريس ڪلب آڏو ٻاڪرن ۽ باڍه پوليس خلاف احتجاج ڪيو آهي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ڏوڪري ۾ باڍه جي رهواسين جو ٻاڪرن ۽ پوليس خلاف احتجاج جو ڏيک

لاڙخطي ۾ اسڪولن جي بحالي لاءِ ڪارو ڏينهن، تعليم دوستن جو گڏجاڻي

محمد علي خٽڪ جي صدارت هيٺ تعليم کپن، تالا نه کپن تحريڪ جو جلسو

سنڌي ماڻهن کي معياري اسڪول کان محروم رکيو پيو وڃي: تعليمي رضاڪار

ٺٽو (واحد شورو) لاڙخطي جي تعليمي رضاڪار سنڌي محمد علي خٽڪ پاران بند پيل اسڪول ڪولرائڻ ۽ بهترءِ معياري تعليم لاءِ شروع ڪيل اسڪول کپن _ واڙا نه کپن، تعليم کپي تالا نه کپن تحريڪ سلسلي ۾ 21 سيپٽمبر ڪارو ڏينهن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

پنوعاقل جي ڪچي ۾ سيلابي پاڻي ۾ ٽڙن ورهين جو ٻنيگر فوت

ڳوٺ گلاب چاچڙ ۾ راند ڪندي طاهر چاچڙ پاڻي ۾ ٻڏي ويو

علائقي واسين ڳولا بعد ٻنيگر جو لاش ٻاهر ڪڍي مقامي ڪيمپ تي پهچايو

پنوعاقل (مير منشاد چاچڙ) پنوعاقل جي ڪچي ۾ ٽڙن ورهين جو ٻنيگر سيلابي پاڻي ۾ ٻڏي فوت ٿي ويو پنوعاقل جي ڪچي سڏوجا جي ڳوٺ گلاب چاچڙ ۾ ٽڙن ورهين جو طاهر چاچڙ ٻنيگر آڏ گهر ٻاهران راند ڪندي سيلابي پاڻي ۾ ٻڏي ويو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

جهمپير شهرواسي ڊرينج سسٽم جي ناڪاره صورتحال تي فڪر

شهر جي گندگي ڪينجهر ڍنڍ تائين پهچي شهري سخت پريشاني کي منهن ڏيڻ لڳا، ڪنهن به نوٽيس نه ورتو

صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي: ڊرينج ۽ واٽر اسڪيم جي نئين منصوبابندي لاءِ هدايتون جاري

حاجي فيض بروهي ۽ محمد هاشم سولنگي: شهري زندگي ۾ آسانين لاءِ مطالبا پيش ڪيا ويا

ٺٽو (واحد شورو) جهمپير شهر واسي يوسي جهمپير جي چيئرمين حاجي فيض بروهي، اڳوڻي يوسي چيئرمين محمد هاشم سولنگي جي قيادت ۾ ڪيترن ئي جهمپير شهر واسين جهمپير شهر جي ناڪاره ڊرينج سسٽم جي بحالي لاءِ صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي سان شيرازي هائوس ٺٽي تي ملاقات ڪري ڪيس جهمپير واسي هاشم سولنگي، حاجي فيض /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ماتلي ۾ مختيارڪار جو مُختلف علائقين جو دورو

گلاب لغاري ۾ دڪانن ۽ چڪين تي اگهن ۽ معيار جي چڪاس ڪئي وئي

ايڪسپائر شيون هٿ اچڻ تي ڏنڊ به دڪانن تي ڏنڊ لڳايو ويو، دڪاندارن کي سخت هدايتون جاري ڪيون ويون

وڌيڪ اگهه وٺڻ ۽ ڪليل تيل جي وڪري تي سخت ڪارروائي جو اعلان، دڪان تان ايڪسپائر شيون هٿ اچڻ تي مٿن ڏنڊ وڌو ويو

گلاب لغاري (رپورٽر) مختيارڪار ماتلي مصعيب جوڻيجو عوامي شڪايتن تي گلاب لغاري شهر ۾ پهچي ريزڪي دڪانن، اٽي جي چڪين، سبزي فروشن جي ريڙهن، مرغي فروشن ۽ بيڪرين تي موجود اٽي ڪنڊ، گوشت، ڀاڄين ۽ ٻين روزمره جي ڪاڌي پيتي وارين شين جي صفائي معيار ۽ اگهن کي چيڪ ڪيو، مارڪيٽ ڪاميٽي جي عملي کي هدايت ڪئي ته روزانو جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ماتلي ۾ مختيارڪار جو مُختلف علائقين جو دورو ڪيو ويو آهي

ڳڙهي خيرو ۾ 90% سيڪڙو پرائمري اسڪول بند، ٻارڙا تعليم کان محروم

ڳڙهي خيرو (رپورٽ:مختيار ڏاهاڻي) ڳڙهي خيرو تعلقي جا 90% سيڪڙو پرائمري اسڪول بند هجڻ جو انڪشاف ٻارڙا تعليم کان محروم ٿي او طارق خان چاچڙ جي گوسڙو ملازمن کان وڏي پيماني تي هر مهيني منٿلي مقرر ڊاريڪٽر تعليم نوٽيس وٺي بند پيل اسڪولن ۾ يعقوب لهر ٻاجهي لهر سميت ڪيترائي اسڪول بند ذميوار ٿي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ڪراچي پريس ڪلب آڏو ميوزڪ ٽيچرز ۽ فنڪارن جو احتجاج جاري

آءِ بي اي ٽيسٽ پاس ڪرڻ باوجود جوائننگ ليٽر جاري نه ٿيڻ تي شديد احتجاج ڪيو ويو

پوليس جي ڌڪاري ساز ٽوڙڻ ۽ شاهه جي رسالي جي بي حرمتي تي غم ۽ غصو ظاهر ڪيو ويو

اڄ وڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ايندڙ حڪمت عملي جو اعلان ڪيو ويندو، فنڪارن جي وڏي انگ ۾ شرڪت

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي پريس ڪلب آڏو ميوزڪ ٽيچرز ۽ فنڪارن جو احتجاج ستين ڏينهن به جاري رهيو احتجاج ڪندڙن علامتي ڌرڻو هڻي چيو ته آءِ بي اي ٽيسٽ پاس ڪرڻ باوجود اڄا تائين جوائننگ ليٽر جاري نه ڪيا ويا آهن./بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ڪراچي پريس ڪلب آڏو ميوزڪ ٽيچرز ۽ فنڪارن جو احتجاج جاري آهي

يوسي جنگشاهي ۾ وائيس چيئرمين جي چونڊ تي وڏو ڏنگل

جنگشاهي (ذوالفقار علي) يوسي جنگشاهي ۾ وائيس چيئرمين جي اليڪشن ۾ پ پ پ ۽ پي ٽي آئي، ڪوهستان عوامي اتحاد پارٽي وڏو ڏنگل متل. تفصيل موجب يونين ڪائونسل جنگشاهي جي اڳوڻي وائيس چيئرمين سبحان الله پليجو کي ايجوڪيشن ۾ PST آرڊر ملڻ جي ڪري وائيس چيئرمين تان استعيفا ڏني هئي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

راٽيپور: پي ٽي آئي سنڌ ۾ ڪپتان سان يڪجهتي جو اعلان

ايندڙ ڏينهن ۾ ڪپتان عوام ۾ هوندو: پير سيد نياز حسين شاهه جيلاني

سنڌ جي نوجوان، مزدور ۽ هارين ۾ تحريڪ انصاف جي سوچ مضبوط آهي

راٽيپور (منير جوڻيجو) پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جي سينيئر نائب صدر، نامور سياسي ۽ سماجي اڳواڻ پير آف راٽيپور پير سيد نياز حسين شاهه جيلاني ڪپتان بابت پنهنجي بيان ۾ چيو ته ايندڙ ڏينهن ۾ ڪپتان جلد عوام درميان هوندو. رپورٽ موجب پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جي سينيئر نائب صدر سنڌ پير سيد نياز حسين شاهه سٽي پريس ڪلب راٽيپور جي صحافين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ڏوڪري ۾ غير قانوني ڪڪڙن جا مقابلا سرعام جاري

لکين روپين جي شرط سان مختلف ضلعن جا شوقين مقابلي ۾ شرڪت

پوليس جوارين جي سرپرستي ڪري رهي آهي: علائقي واسين جو احتجاج

بنا دير ڪڪڙن جي غيرقانوني وڙهائڻ ۽ جوا بند ڪرائي وڃي: اڳواڻ

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري تعلقي جي ويهڙ ٿاڻي جي حد ۾ غير قانوني، غير اخلاقي ۽ متنازع ڪڪڙن جا مقابلا، لکين روپين جي شرط، مختلف ضلعن کان خفتي پهچي ويا، علائقي واسين ڪڪڙن جا مقابلا بند ڪرائڻ جو مطالبو ڏوڪري تعلقي جي ويهڙ ٿاڻي جي حد ڳوٺ خير محمد ميمڻ ۾ ويهڙ پوليس جي سرپرستي ۾ ڪڪڙن جا مقابلن ڪرائي رهي آهي. جڏهن ته لاڙڪاڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

راٽيپور ۾ حضرت سيد عبدالقادر شاهه جيلاني رحه جي چوڏهين ورسي ملهائي وئي

هزارين عقيدت مند، سياسي، سماجي ۽ مذهبي شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

قرآن خواني، محفلِ ميلاد، ذڪر، ختم شريف ۽ فاتحه خواني سان روحاني ماحول قائم ڪيو ويو

پير سيد فضل علي شاهه جيلاني ۽ ٻين معززين خطاب ۾ امن، ڀائيچاري ۽ اخلاقي سڌاري تي زور ڏنو

راٽيپور (منير جوڻيجو) حضرت سيد عبدالقادر شاهه جيلاني رحمة الله عليه جي ساليانى چوڏهين ورسي 21 سيپٽمبر 2025ع بروز آچر وڏي عقيدت ۽ احترام سان راٽيپور ۾ منعقد هزارين عقيدت مند سياسي سماجي مذهبي سماج سڌارڪ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

راٽيپور ۾ حضرت سيد عبدالقادر شاهه جيلاني رحه جي چوڏهين ورسي ملهائي وئي آهي

پيل برادري جا سوين خاندان گڏجي سياسي موڙ ورتو

مٺي (محمدرحيم مگريو) پيل برادري جي نوجوان ڦهلاج پيل جي پنهنجي برادي ۽ حامين سميت سياسي خودڪشي، پ پ ڊويزن مرپورخاص صدر ام ان اي ڊاڪٽر مهش ڪمار ملاڻي پ پ پ قيادت تي اعتماد ڪندي جيئي پٽو جو نعرو هڻندي يوسي مالٺهور ويٺ. پوسرڪي پڪوٺو جي مختلف 15 ڳوٺن جي پيل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

سيٺارجا بالا ۾ سردار جام شاهه بخش خان سهتو جي 35 ورسي ملهائي وئي

ميلاد النبي صه، وائيون، قرآن خواني ۽ خيرات في سبيل الله جو پڻ انتظام

سردار انجنيئر جام ممتاز حسين سهتو ۽ برادري جا اڳواڻ شرڪت ڪئي

مگڻيجا برادري سميت سياسي سماجي صحافي ۽ مختلف برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ٺري ميرواهه (سليم علي منگريو) سيٺارجا بالا ۾ جام سيٺرخان سهتا هائوس تي سردار جام شاهه بخش خان سهتو جي 35 ورسي وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي تفصيل موجب # سردار جام سيٺر خان سهتا هائوس سيٺارجا بالا تي هر سال جيان هن سال به سردار انجنيئر ممتاز حسين سهتو صاحب جي والد محترم جناب سردار جام شاهه بخش خان سهتو جي ورسي وڏي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ڳوٺ حاجي بادل خان راڄپر ۾ عيد ميلاد النبي صه جو شاندار پروگرام

منعقد ٿيندڙ پروگرام ۾ تلاوت قرآن پاڪ ۽ مشهور نعتخوانن پاران نعت پيش ڪئي وئي

پير سيد محمد اسماعيل شاهه جيلاني قادري ۽ علما مولانا روشن علي نقشبندي خطاب ڪيو

پروگرام ۾ ملڪ ۽ عالم اسلام لاءِ خصوصي دعائون ڪيون ويون آهن: علي مراد راڄپر

ٺري ميرواهه (سليم علي منگريو) سرڪار دو عالم حضرت محمد مصطفي صلي الله عليه وسلم جن جي آمد مبارڪ جي حوالي سان سيٺارجا پرسان ڳوٺ حاجي بادل خان راڄپر ۾ عيد ميلاد النبي جو شاندار پروگرام منعقد ڪيو ويو تفصيل موجب # حضور سرور ڪائنات جن جي ولادت جي خوشيءَ ۾ سيٺارجا پرسان ڳوٺ حاجي بادل خان راڄپر ۾ علي مراد راڄپر جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٺري ميرواهه: ڳوٺ حاجي بادل خان راڄپر ۾ عيد ميلاد النبي صه جو شاندار پروگرام منعقد آهي

چوهڙ جمالي لڳ ڳوٺ حاجي حسين اونو ۾ رهواسي جو احتجاج

چوهڙ جمالي (شاهدحسيني) ڳوٺ حاجي حسين اونو جي رهواسي علي وارث اونو چورن پاران مليل ڌمڪين ۽ چورن جي آزار خلاف احتجاج ڪيو مريد ڪوسو ٿاڻي جي حد ڳوٺ حاجي حسين اونو جي رهواسي علي وارث اونو چوهڙ جمالي پريس ڪلب ۾ احتجاج ڪندي چيو آهي ته گذريل ڏينهن اسان جي برادري جي ڦورن پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12